(شاعري)

تَن تشنگيِ تار

اويس ساگر سومرو

تن تشنگيءَ تار

اويس ساگر سومرو

ڪنول پبليڪيشن

331

اويس ساگر نئين ٽهيءَ جو شاعر آهي، جيڪو تخليقي جذبي سان سرشار ٿي اڳتي وڌي رهيو آهي. جيڪي موضوع مروج شاعريءَ ۾ آهن، اهي سندس اظهار جو حصو آهن. وطن، ڌرتي ۽ ان جا ماڻهو ۽ ماڳ مڪان اويس جي شاعريءَ لاءِ اتساهه جو وسيلو آهن. هو مختلف صنفن ۾ پنهنجا احساس اوتي ٿو. غزل، وائي، نظم، نثري نظم ۽ٽيڙن ۾ هو پنهنجي دل جون ڳالهيون ڀرپور انداز سان اظهاري ٿو. اويس ساگر ڪي ادبي دنيا ۾ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ اڃان اڳتي سفر ڪرڻو آهي. پر هيل تائين جيڪو هن تخليق ڪيو آهي، انهيءَ ۾ فن ۽ فڪر ٻئي موجود آهن. اويس ساگر ۾ جيڪڏهن اها ئي تڙپ ۽ بيچيني رهي ته هو پنهنجي هڪ ڌار سڃاڻپ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويندو. اويس جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي سادگي ۽ اظهار جي بيساختگي اهو ويساهه ڏياري ٿي، ته هو هڪ ڏينهن اها منزل ضرور ماڻيندو.

ادل سومرو

ISBN 978-969-2252-16-3

Rs:250

تَن تَشنگِي تار

(شاعري)

اويس ساگر سومرو

ڪنول پبليڪيشن 2022ع

books.sindhsalamat.com

BOOK NO: (337)

<u>سمورا حق واسطا هٿيڪا</u>

ڪتاب نالو:	**تن تشنگي تار**
موضوع:	شاعري
ليکڪ:	**اويس ساگر سومرو**
پهريون ڇاپو:	فيبروري 2022ع
ڪمپوزنگ:	امراياز مهر 03322920262
ڇپيندڙ:	ڪنول پبليڪيشن

ڪنول پبليڪيشن/ پرنٽر & بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو - حيدرآباد.

: 0333-7523132

saeedsoomro44@gmail.com

ملهه: 250 روپيه

Tan Tashnagi Tar

(Poetry)

Awais Sagar Soomro

Edition: 1st Feb: 2022

Published by: Kanwal Publication

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

ڪنول پبليڪيشن & بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو - حيدرآباد.
سمبارا ڪتاب گهر، حيدرآباد. پٽائي بڪ اسٽور، حيدرآباد - ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد –
رومي ڪتاب گهر، گدو چونڪ حيدرآباد - دانيال ڪتاب گهر، قاسم آباد. حيدرآباد
سرمست ڪتاب گهر، هندا پلس، حيدرآباد نئون نياپو ڪتاب گهر، سچل ڳوٺ ڪراچي.
- مرڪ پبليڪيشن هائوس، ڪراچي - ڪاٺياواڙ بڪ شاپ، اردو بزار ڪراچي
سنڌيڪا بڪ شاپ، لاڙڪاڻو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ -
سليمان برادرس، نواب شاهه - مدني بڪ اسٽور، دادو سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر- سارنگ ڪتاب گهر، سکر -
ٿر ڪتاب گهر، مٺي- سنڌ بڪ اسٽور پڪا چانگ ، سراج بڪ اسٽور قنبر

www.sindhsalamat.com

ارپنا

سنڌ امڙ جي نالي
جنهن جي ڪُک سدائين سائي رهي
پنهنجي جنم ڏيندڙ جيجل
حاجل خاتون جي نالي
جنهن سنڌي ٻوليءَ جون لوليون ڏنيون
سندس دعائن جو هي ثمر آهي

اويس ساگر سومرو

books.sindhsalamat.com

شاعري اگر معجزو آهي تہ ان جو سرجيندڙ ڇا هوندو..!؟

هڪ خيال

گهٽا گهٽا ڏهاڙا اڳ. هڪ ايس ايم ايس سيل فون ۾ ٽپي آيو ۽ چيائين اوهان سان ملڻ چاهيان ٿو ۽ مان شاعري لکندو آهيان....ائين اويس ساگر سائينءَ سان سکر جي ايوب گيٽ تي هڪ مختصر ملاقات ٿي. هونءَ بہ سائين ادل سومري جي ڪري هيءَ دل سومرن کي جهڪي تہ سجدا ڪندي آهي. اويس سان اها مختصر ملاقات پورو هفتو دل جي ٻيڙيءَ ۾ هڪ سهڻي ياد جيان هلڪورا کائيندي رهي.

ٻي هفتي اويس سان وري ٻي ملاقات ٿي وئي، ٻي ملاقات ۾ مون هن جي شاعراڻين لمحن جو مزو ورتو. سادن سودن لفظن کي شاعريءَ جو رنگ ڏئي ڪو اويس ڪان سکي ۽ مٿان ڪان هن جي ڪل ڳاڙهڙ مسڪراهٽ... سچو سارو. جيئندو جاڳندو شاعر جهڙ تہ... اويس سان ٽين ملاقات بہ ساڳي ئي جاءِ تي ٿي.... ان ملاقات ۾ اويس مون سان ڪافي گهرو گهرو نظر آيو ۽ هُجَ مان ڪمپوز ٿيل شاعريءَ جو مجموعو حوالي ڪري مهاڳ جي فرمائش ڪيائين .. هاڻ ڏيو منهن سائين... ڪاڏي مهاڳ ۽ ڪاڏي هن ٻروچ جو منهن.... سنڌيءَ جي ڪا بہ سِٽَ لکڻ کان پوءِ ذهن ٽنگجي ويندو آهي تہ "بهار " لفظ مذڪر آهي يا مونث... اسان اترادي چئون "هاڻي هاڻي پگهار ورتي آهي..." تہ لاڙ ۾ ڏکڻ وارا سنڌي چون "هاني هاڻي پگهار ورتو آهي....". انهيءَ قسم جي ذهني ٽنگوتاليءَ ۾ لکڻ جي بهترين موڊَ جي بہ تباهي ٿي ويندي آهي.

سيد توڪي سنڌ
ساري ٿي هر هنڌ

www.sindhsalamat.com

سائين جي ايم سيد جي پيٽا سان شاعريءَ جو هي ڪتاب شروعات وني ٿو. بسم الله جي جاءِ تي سيد جي حضور ۾ پيٽا ڏاڍو وڻي ۽ ذهن تي سهڻو تاثر ڇڏي وئي.

نندَ نيڻن کان ڦِٽي آهي

مَنَ اندر ۾ ڏرتتي آهي

مان ڪافي ساترا لمحا ان بند تي چپ چاپ ويٺو رهيس... هڪ نئون نڪورو احساس ۽ معصوميت وچان اظهاريل شعر..... ان شعر وچان گذري دل اهو وشواس بلڪل جوڙي ويهي ٿي تہ....”نہ ٻيلي....لفظن ۾ ساهہ کڻڻ جي چاهنا آهي ۽ زبردست آهي....“.

لڳائي نينهن جا ناتا

هاڻ ساگر کان رُني آهي...

مان جڏهن اويس ساگر جي نظم ”سانوري“ تي پهتس تہ هڪڙي سادڙي سلوڻي ۽ ڪوملتا سان ڀريل احساس سان ملاقات ٿي وئي.... هن نظم جو مڪمل ٿيم پسڻ چاهيو ٿا تہ اوهان کي جڳ مشهور ليکڪ آسڪر وائلڊ جو شاهڪار ناول ”پڪچر آف ڊورين گري“ جنهن تي هڪ شاهڪار فلم بہ ٺهيل آهي جنهن ۾ ڊورين گري جو ڪريڪٽر هرڊ هيٿ فيلڊ ڪمال جو ادا ڪيو هو. اويس ساگر جو هي نظم حالانڪہ بي حد مختصر آهي مگر ان جو ڪئنواس گهڻو گهڻو وشال ۽ بي انت آهي. ائين سمجهو شاعر چند لائينن ۾ هڪ دنيا تخليق ڪري اسان آڏو اچي ويهاري آهي.

”زلف ڪارا، ڪاري چولي

بدنَ تي مٿس لڳل شيشا ڳاڙها

ويني ڏسي شيشي ۾

پنهنجيون نيريون اکيون....!

هوءَ سانوري ڇوڪري....“

books.sindhsalamat.com

ڏسو انهيءَ نظم ۾ ڪو بہ ڪرافٽ، ڪابہ انجنيئرنگ ۽ ڪا بہ شعوري مٿاڳت ڪانهي، هڪڙو سادڙو خيال ۽ سادڙن لفظن ۾ لکيو ويو آهي. جنهن جو سڄو حسن، ان جي سادگي ڀري لفظن جي چونڊ ۾ آهي. ... ائين اڳتي هلون ٿا تہ هنن سٽن جڙڻ تہ پيرن آڏو ڦل اسٽاپ جو پٿر رکي ڇڏيو آهي.

ڪوليا تو وار جڏهن

گل ٿيا گلزار سکر ۾

....

ڪاڇو ٿر بہ سهڻو آ پر

آءُ تہ ڪيون پيار سکر ۾

سکر جي رديف وارو هي غزل هونءَ تہ هڪ عام غزل آهي پر ان جو ”سکر“ رديف غزل کي ڏاڍو سهڻو بڻائي ٿو ڇڏي.... شايد ان جو سبب سکر سان اسان جي جذباتي اٽيچمنٽ ۽ اڻ ميو عشق بہ ٿي سگهي ٿو و تہ سڄو جهان رلي رلي، جهاڳي جهاڳي نند وري بہ سکر ۾ ئي ايندي آهي جڙڻ تہ سکر جي هندوري ۾ مون کي پنهنجي ”آئيءَ“ جي آسيس ملندي آهي... اويس جو منهنجو سائين ادل جو سائين اياز گل جو ۽ وحيد جو سکر ڪمال جو شهر آهي. چوندا آهن تہ جنهن شهر ۾ توهان کي نند نہ اچي اهو شهر توهان جو ٿي ئي ڪو نہ ٿو سگهي.

اها هڪ وڏي نهنائي آهي تہ توهان کي توهان جو شهر ماءُ جيان نند جو آسيس ڏيندو.... سو سکر جو شهر اسان مردود حرم ماٺهن لاءِ ماءُ، ماتا ۽ آئيءَ جهڙو اهم آهي.

اويس جي ڪتاب جا شعر ۽ پنا اٿلائيندي منهنجون نگاهون جڏهن هيٺ ڏنل ان نظم تي pause ڪري ويهي رهيون تہ انجو سبب بہ نظم جي سادگيءَ ۽ ان ۾ بي پناه اندروني ترنم آهي.... نثري نظم ۾ تہ نہ حالانڪہ ضروري نہ هوندو آهي پر جڏهن سائين بيدل مسرور سائين

www.sindhsalamat.com

نصير مرزا نظم ”خوشبوءَ جي سنگ سنگ“ ڳايو هو تہ وه وا ٿي وئي هئي. سيني چيو اهو آزاد نظم آهي پر مون اڄ تائين ان نظم کي لئريڪل نثري نظم مڃيو آهي... تہ ان جيان اويس ساگر جو هي نظم بہ پنهنجي اندر ۾ ڪمال جي اندروني موسيقي رکي ٿو.

اوسيئڙي ۾ آءُ
وڻ جي هڪڙي ٽاريءَ هيٺان
توکي ساريان ويٺو..
گونچ ٽڙيا ۽ گُل ڪِڙيا
هوائون هيون سي گذري ويون...
يادن جي خوشبو چوڏس هئي..
ڪنوٽيون ڪِنويون اندر ۾
۽ بادل برسيا نيڻن مان...
ترسيا ڪِينَ مگر
منهنجا نيڻ
شالَ اچو هيل
منهنجي مند بهار ۾.....

مون کي هونءَ بہ اويس ساگر جي شعر مالها جو رڱو مڪڙو پسائڻو هيو... اڳيان اوهان جون چاٽو آڱريون هونديون ۽ اويس جي شعر، شهر جون گليون ۽ سرسبز باغيچا هوندا. هن شهر ۾ رولاڪيون ڪيو ۽ پوءِ اويس کي ڀايو تہ اوهان هن جي تخليقن کي ڪيئن پاتو...

اويس جو هي پهريون ڪتاب آهي ۽ پهريون ڪتاب بہ پهرين پار جيان ڪڏهن بہ وسرندڙ ناهي هوندو.... جيئن اسان جي سائين اياز گل جي پهرين ڪتاب ”سوچون سرها گل“ کي اڄان تائين وساري ناهيون سگهيا ۽ جيئن ادل سائينءَ جي ڪتاب کي اڄ بہ لائيبريرين ۾ اسان جون اکيون ۽ اڱريون ڳولها ڪنديون آهن ائين ئي سکر جي هن

نوجوان شاعر کي بہ هن جي پهرين ڪتاب بعد سهڻن اکرن ۽ سهڻن جملن ۾ ياد رکيو ويندو.

اسان جي ٿهيءَ کان پوءِ اُسريل نج نبار سنڌي واس سان واسيل هيءَ ٿهي اسان سينئرس جو هڪ سهڻو تسلسل آهي ۽ ان تي اسان کي پنهنجي تسلسل سان اڻ ميو پيار تہ محسوس ٿي ئي رهيو آهي پر اهو فخر بہ محسوس ٿي رهيو آهي تہ اسان جو شعر، سفر فواد ڪلوڙ مونس رضوي، احمد شاڪر ۽ اسد بروهيءَ جي روپ ۾ ڪيڏو نہ سنڌر ۽ من لڀائيندڙ آهي.

حبيب ساجد
ماڪا ڳوٺ... سکر
31 آڪٽوبر 2021ع

مينهوڳي جي مند جهڙو شاعر. . .

اويس ساگر نوجوان شاعر آهي ۽ هي سندس شاعري جو پهريون مجموعو آهي. جيئن ماڻهو پهرين پيار ۾ جذباتي جوش سان پرپور ۽ اتاولو هوندو آهي. تئين اويس ساگر پڻ پنهنجي شاعري جي پهرئين مجموعي جي پيار ۾ مونکي بيحد پر جوش لڳو. سندس شاعري تي ڪجھ لکڻ کان پهرئين اويس ساگر جي پس منظر تي ٿورو گهڻو لکڻ ضروري ٿو سمجهان هي نوجوان اويس ساگر بشير منگي جي سات ۾ ادبي دنيا ۾ آيو آهي ۽ بشير منگي جي سنڌي ادبي سنگت سکر جي پليٽ فارم تي ئي سندس ادبي تربيت ٿي آهي سندس شاعريءَ جو محرڪ بہ سندي ادبي سنگت جون تربيتي گڏجاڻيون آهن ان ڳاله ۾ ذري جو بہ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين سڄي سند ۾ نون ادبين شاعرن کي پنهنجي آوي جي گڏجاڻين ۾ پچائي پختو ڪيو آهي. سو بشير منگي جهڙي برجستي اديب شاعر محقق جي سات ۾ هي نوجوان اڄ پنهنجو شاعري جو مجموعو تخليق ڪري ڇپرائڻ جي لائق ٿيو آهي ڪهڙي خبر آهي تہ ڪتاب ڇپجي پڙهندڙ جي هٿن تائين پهچي ٿو تہ پوءِ ئي ڪنهن شاعر جو پرپور تعارف ادبي دنيا ۾ ٿئي ٿو. اويس ساگر جا سکر جي سيني شاعرن سان سنا واسطا آهن ۽ کين ڪتاب پڙهڻ جو بہ بيحد شوق آهي جنهن سبب سندس اچڻ وڃڻ سنڌيڪا اڪيڊمي سکر ۾ پڻ رهي ٿو ۽ اڪيڊمي جي انچارج مشهور شاعر سميع سجاد جي شاعراڻين ڳالهين کان پڻ هي نوجوان اتساه وٺندورهي ٿو-منهنجو هن نوجوان سان تعلق تہ استاد شاگرد وارو آهي.جو هي صاحب اسلاميا آرٽس ڪامرس ڪالج ۾ ايمـــ اي سنڌي ڪرڻ دوران منهنجو هوشيار شاگرد پڻ رهيو آهي ۽

ايم اي سنڌي فرسٽ ڪلاس ۾ شاه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي اٿائين ان کان علاوه اويس منهنجو پاڙيسري پڻ آهي محنتي هجڻ سبب هڪ ميڊيڪل ڪمپني ۾ برسر روزگار پڻ آهي. ۽ مونکي سندس محنت ۽ لگن جي جذبي سبب قوي اميد آهي تہ اويس پنهنجي مطالعي ۽ شوق سبب هڪ ڏينهن ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ڪاليج ايجوڪيشن ۾ ادب جو استاد ضرور ٿيندو.

اويس ساگر جي شاعري هڪ نوجوان شاعر جي شاعري آهي جنهن ۾ عمر جي لحاظ کان مختلف رنگ برسات کان پوءِ نڪرندڙ انڊلٺ وانگر سمايل آهن. هڪ محب وطن ۽ ڌرتي سان ڪميٽيڊ شاعر وانگر اويس جي هن مجموعي جي ابتدا سنڌي قوم جي قومي شاعر شاه لطيف کي پيتا ڏيڻ سان ٿئي ٿي. ۽ هو پنهنجي نظم لطيف جي ڌرتي ۾ هن طرح مخاطب ٿئي ٿو.

سنڌ سونهاري لطيف جي ڌرتي.
پاڪ پياري لطيف جي ڌرتي.

هن شعر ۾ سندس پنهنجي جنم ڀومي ۽ پنهنجي قومي شاعر شاه لطيف سان پيار جو اٿاه اظهار نظر اچي ٿو ۽ ان سان گڏو گڏ شاعراڻين خوبين ۾ شمار ٿيندڙ تجنيس حرفي پڻ پڙهڻ دوران متاثر ڪري ٿي ۽ منڇر, ڪينجهر, ڪيٽي, بندر ۽ موهن جي دڙي جو ذڪر سندس تاريخي شعور جو پڻ ڏس ڏيندي نظر اچي ٿو.

اويس ساگر جي شاعري جي ڳٽڪي ۾ ٻيو نظم "سنڌ امان" جي سري هيٺ ڏنل آهي لفظ امان جو تصور ئي انسان لاءِ هانو ٺاريندڙ هجي ٿو ۽ اويس سنڌ امان ۾ پنهنجي شاعراڻن جذبن جو اظهار هن ريت ڪندي بي حد متاثر ڪري ٿو.

شاه سچل ساميءَ جي،

تون پلاري سنڌ امان.

باشعور ۽ باڪردار شاعر هميشہ پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي جي سرجڻهار کي هميشہ پنهنجي شاعري جو موضوع بڻائيندا آهن. ۽ اويس بہ انهن شاعرن وانگر پنهنجي شاعري ۾ پنهنجن ڪلاسيڪل شاعرن جو ذڪر ڪري سنڌ امان جو حق هڪ حلالي پٽ جيان بهتر نموني ادا ڪيو آهي.

اويس ساگر پنهنجي شاعري جي هن ڪتاب ۾ پنهنجي ٽئين نظم "سيد ۽ سنڌ" ۾ سنڌي قوم جي محسن سنڌي قوم لاءِ پنهنجي سڄي زندگي زندانن ۾ گهاريندڙ سائين جي ايم سيد جو ذڪر ڪري سنڌي قوم جي حقيقي جذبن جو اظهار ڪيو آهي ۽ سنڌ جي سچي سپوت کي هو محبت پيار ۽ خلوص مان ياد ڪندي چوي ٿو.

سيد تنهنجي سنڌ
ماڪي ۽ گلــــقند.

سائين جي ايم سيد کي مخاطب ڪندي اويس ساگر جڏهن پنهنجي شعري سٽن ۾ سنڌ کي ماڪي ۽ گلقند جي استعاري ۾ بيان ڪري ٿو تہ پڙهي هانو ٺري پوي ٿو ۽ خوشي ٿئي ٿي تہ اسان جون قومي روايتون هن نوجوان جي هٿان اڳتي وڌن پيون اهو هڪ اتساهيندڙ عمل محسوس ٿئي ٿو.

هر نوجوان وانگر اويس ساگر پڻ پيار جي پکي سان گڏ اڏري ٿو ۽ وري نوجوان بہ هجي، مٿان سون تي سهاڳو شاعر پڻ هجي تہ پوءِ جي ان جي شاعري ۾ دل لڳي جون ڳالهيون نہ هونديون تہ پوءِ هو ڪيئن شاعر سڏبو سو اويس بہ پنهنجي محبوب جو ذڪر ڪندي واہ جو ڌرتي جو استعارو ڪتب آڻيندي پنهنجي اندر جو احوال هن ريت بيان ڪندي نظر اچي ٿو.

books.sindhsalamat.com

ننڊ نيڻن کان ڦٽي آ.
من اندر ڪا ڌرتتي آ.

هو پنهنجي انهي غزل ۾ اڳتي هن ريت اظهار ڪري ٿو.

جو لڳائي نيهن ناتا؟
هاڻ ساگر کان رني آ.

اويس ساگر جي غزلن جي جيڪا خوبي متاثر ڪري ٿي سان اها تہ هو سادگي سان عام مروج لفظن ۾ ننڍين بندن ۾ پنهنجي دلي ڪيفيت بيان ڪندي ڏاڍو وڻي ٿو سندس هڪ ٻي غزل جون هي سٽون سندس آئيندي جي وڏي شاعر هجڻ جو ساک ڏيندي نظر اچن ٿيو.

تو جو وار ڇڏيا هن کولي.
گل ٿيا گلزار سڪر ۾.

محبوب جي وارن جو ذڪر اڪثر اردو سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافي نظر اچي ٿو پر پرين جي وارن ڇوڙڻ کي گل گلزار جي استعاري ۾ بيان ڪرڻ وارو انداز اهو ٻڌائي ٿو تہ اويس جو انداز بيان ۾ ندرت ۽ منفرديت آهي. اويس جي نظمن ۽ غزلن کان پوءِ جڏهن مان سندس نثري نظمن جو جائزو وٺان. ٿو تہ حيرت ۾ پنهنجي وڃان ٿوءِ هي نوجوان لفظن جو تمام حسناڪين سان استعمال ڪرڻ جو فن واہ جو ڄاڻي ٿو. هو پنهنجي نثري نظم "مينهوڳي" ۾ چوي ٿو.

اوهان جا جاڙو،
مينهوڳي جا مزا.
بوندن جو ريشمي بدن تي
رقص ڪرڻ...
پنورن جيان،
ڦيرا پائڻ

www.sindhsalamat.com

اندلٺ رنگن جا

روح ۾،

ليڪا پائڻ.

ريشمي بدن تي بوندن جو رقص ڪرڻ پنورن جا ڦيرا ، اندلٺي رنگن جا روح ۾ ليڪا پائڻ جهڙيون سهٽيون بيحد حسين جميل ترڪيبيون روح کي بي حد راحت بخشڻ جو سبب بڻجن ٿيون ۽ ان کي ئي شاعري چئبو آ. جيڪا اويس شاعراڻي بي خودگي ۾ ڪري روح کي فرحت بخشي ٿو.

اهڙي ريت سندس بيا نثري نظم پڻ چرڪائيندڙ ۽ وڻندڙ آهن. جن تي مان مضمون جي طوالت سبب لکي نٿو سگهان پر انهن جو سرسري طور تي ذڪر ڪرڻ ڪانسواءِ رهي به نٿو سگهان.

اويس ساگر پنهنجي نثري نظم "اوسيئڙي" ۾ چوي ٿو.

ڪنوٽيون ڪليون اندر ۾،

۽ بادل برسيا نيڻن ۾.

"وري منهنجي راڻي" نثري نظم تنهنجو پارس جهڙو پيار. اکيون ميگهه ملهار. ڪجهه جهڙي اڇي اجري ۽ بين انيڪ سندر تشبيهن سبب اويس ساگر جي شاعري ڪنهن نئين نوجوان شاعر جي شاعري نه ٿي ڀاسجي بلڪ پڪي پختي شاعري محسوس ٿئي ٿي.

جيئن جيئن سندس نثراڻا مختصر نظم پڙهندو ٿو وڃان حيران ٿيندو ٿو وڃان هي ڪا سندس پهرين ڪتاب جي شاعري آ ۽ محسوس ٿئي ٿو بشيرمنگي صاحب اويس جي تربيتي عرصي دوران ڪيس ڪافي سٺي شاعري پڙهائي آهي تڏهن هو مختصر لفظن ۾ اندر کي جهير ۽ پيار جي وير اپاريندڙ ڳالهيون ڪري وڃي ٿو سندس هي مختصر نثري نظم "سڪ" ڪيڏو نه وڻندڙ ۽ گهرو آهي.

تنهنجي سڪ ۾

جا عمر

گذري!

سا،

ڪمال

گذري!

نوجوان دلين جي ترجماني هن ڪان وڌ ڇا ڪري سگهبي ۽ وري "اڪير" مختصر نثري نظم ڪيڏو وڻندڙ آهي.

ايندي آن!

ياد تون

برسات جي بوندن ۾..!

برسات جي مند هونءَ شاعرن لاءِ پرين جي اڪير ڪٽي ايندڙ مند هجي ٿي سو اهڙي دلفريب مند ۾ اويس کي پرينءَ جي ياد برسات جي بوندن ۾ اچڻ جڻ مينهن ڪٽين کي پرين جي پيار سان تشبيه ڏيڻ وانگر آهي. اهڙي ريت سندس نثري نظم "جي اسان نه هوندا سين" ۾ پرين جي وساري ڇڏڻ واري وڍ ڏيندڙ ڪيفيت کي اويس جلاد, قاتل, وڍ ڏيندڙ راتين سان تشبيه ڏيندي عذاب جي پوگنا جو سٺو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو اهڙي ريت سندس سڄي نثري نظم جي شاعر ۾ وڻندڙ تشبيهون استعارا ۽ ترڪيبون استعمال ٿيل آهن جن جو ڌار ڌار ذڪر ڪرڻ هن تجزياتي ليک کي اينگهائي ڇڏيندو سو ڳالهه کي مختصر ڪندي مان سڀني جو ذڪر هڪ هي وقت ڪرڻ چاهيان ٿو جيئن "ساري ويني" ۾ جستجو جي داڻن کي سورڻ, "نيڻ"نثري نظم ۾ نيڻن لاءِ لفظ "مڌ پيالا" استعمال ڪرڻ, نثري نظم "تنهنجون مٺيون" ۾ محبوب جي مٺين جو شاهه جي سرن جيان رقص ڪرڻ, مختصر نظم

"نينهن" ۾ نينهن کي سادڙي گل جيان خوشبو ۾ واسجي وڃڻ سان تشبيه ڏيڻ. "معصوم" نثري نظم ۾ ڦوهه جواني کي بگهڙن جي اک جي ڪنڊي سان ڀيٽڻ ۽ وري نثري نظم "اوهان جي ياد" ۾ پنبڙين جون شرارتيون, پايل جي ڪيڇل جهڙا نفيس ترين لفظن جو استعمال پڻ وڻندڙ آهي. اهڙي ريت اويس جي سڀني نثري نظمن ۾ جيڪي پنهنجي نوع ۾ ڇرڪائيندڙ, وڻندڙ دل جي عميق جذبن کي سرمتي بخشيندڙ جيڪي لفظ اويس ساگر استعمال ڪيا آهن. سي مونکي اعتبار ۾ نه ٿا اچن ته هڪ نئين ۽ پهريون ڀيرو ڪتاب ڇپرائيندڙ شاعر جا آهن. مثال طور "بارش" نثري نظم ۾ دري تي بارش جي بوندن جي سلامي, "ادائون" ۾ ادائن کي خزاني کان وڌ سمجهڻ, نثري نظم "ڊسمبر" ۾ سماج ۾ موجود منافقتن سبب هڪ حساس شاعر جي اها سڌ ته ڪاش ڊسمبر جي مهيني جيان ڪيلينڊر ۾ گم ٿي وڃان.

شاعر سنڌ جي سدا بهار ڪوي "سرمد" کي ياد ڪندي چوي ٿو ته تنهنجن گيتن اکڙين رقص ڪيا. جوانن حياتيون گهاريون ۽ سرمد جي آواز کي انقلاب جي باهه ٻارڻ سان تشبيه ڏيڻ هڪ سنجيده ٽريبوٽ آهي سنڌ جي ڪلاڪار کي.

اويس ساگر جي ڪجهه نثري نظمن کي ڇڏي سڀني نظمن مونکي متاثر ڪيو آهي. جن ۾ جذبي جي گهرائي به آهي, جن ۾ حساسپڻي جي اڇل به آهي ته پڙهندڙن کي خيال جي ڀاڪر ۾ ڀرڻ جي سگهه به آهي سو مجموعي طور تي سندس نثري نظم جيڪڏهن ڪٿان به خيال وٺي لکيل نه آهن ته بلاشڪ شاندار ۽ وڻندڙ ۽ خيال جي نواڻ تي ٻڌل آهن.

books.sindhsalamat.com

اويس ساگر جي نثري نظمن تي گهڻو لکجي ويو آ. ان ڪري سندس ڪجهه نثري نظم جي رهگذر ڇڏيندي سندس هائيڪن جو ذڪر به ضروري ٿو سمجهان سندس پهريون هائيڪو,

تنهنجون ڳالهيون
ياد آهن اڄ به مونکي
اکڙيون آليون

ان ۾ خيال جي محسوسات ته سگهاري آ هر وچين سٽ مان لفظن جي ڪاٽ جي ضرورت ضرور محسوس ٿئي ٿي جي هو لکي ها ياد آهن مونکي ته وڌيڪ سٺو لڳي ها ڇو ته هائيڪي ۾ مختصر لفظن ۾ گهري ڳاله ڪري وڃڻ شاعر جي ڪاميابي ليکجي ٿي جيئن اويس پنهنجي ٻين هائيڪن ۾ ڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ويو آهي مثال طور,

رات ڪٽي آ
ڀاڪرن ۾ ئي
باک ڦٽي آ

يا وري

اڇي ٻيو شور
ٿر جي پٽن تي
نچي ٻيو مور.

باقي سندس ٻين هائيڪن ۾ خيال زورائتو ضرور آ پر وچين سٽ خيال جي مزي کي بي مزو ڪري وجهي ٿي سو هائيڪن جي فن ۽ فڪر جي گهري مطالعي سان اويس مستقبل ۾ ڪامياب هائيڪا لکڻ ۾ ضرور ڪاميابيون ماڻيندو. سندس ادبي رهنما بشير منگي پنهنجن هائيڪن جو مجموعو ڇپرايو هو تنهن جو لڳي ٿو ته اويس گهرائي سان

www.sindhsalamat.com

مطالعو ناهين ڪيو ڪيس شيخ اياز جو هائيڪن تي ٻڌل ڪتاب ورائي ورائي پڙهڻ گهرجي.

اويس جي واين ۾ پڻ وزن جي بي ترتيب ٿيڻ جي ترڪيب واضح نظر اچي ٿي ان ڪمي کي پڻ اويس مستقبل ۾ دور ڪرڻ ۾ پنهنجي مطالعي جي آڌار تي ضرور ڪامياب ويندو هونئن سندس واين ۾ خيال جي الڳ پڻ واري ڪيفيت پڻ وٽندڙ آهي سندس پهرين وائي آهي.

يري ڏي ڪو جام
او سڪي کي اچ
چانڊوڪي رات ۾
عشق ٿيو الهام

عشق جي الهام ٿيڻ واري ڪيفيت متاثر ڪندڙ آهي.

اويس جو ٽيون نمبر وائي پڻ وٽندڙ وائي آهي جيئن هو چوي ٿو.

ٿيندي مند ملهار
ڏيئو نہ وسائي تون
چوڙيا تو جي زلف
مهڪي پيو سنسار
ڏيئو نہ وسائي تون

اويس ساگر پنهنجن بين واين ۾ شيخ اياز ۽ استاد بخاري کان اثر ورتل گهڻو نظر اچي ٿو.

اويس ساگر جا چوسٽا چوسٽن جي فني لحاظ کان ٺيڪ آهن پر ڪجھ چوسٽا فني لحاظ کان چوسٽا ناهن جيئن.

تون ڪين آئين پرين
مگر هي سال وري آيو
هر رات جيئان اچ بہ

books.sindhsalamat.com

درد دل تي تري آيو

يا وري ؛

پنهنجي من جي ڪشادي پٽر ۾ اسان جي يادن کي سهيڙي رکجو.

يا وري :

ايئن ڳالهه ڳالهه تان رسندي نہ ڪر
ڪوئل اڏري ويندي آ لام تان

خبر ناهين چو اويس ساگر درست پيرائي ۾ هائيڪا لکندي لکندي ٿڙي ٿو وڃي هن ڳاله تي ڪيس غور ڪرڻ گهرجي.

سنڌي شاعري ۾ بيت ٻن سٽن تي ۾ لکيو ويجي ٿو, ٽن سٽن ۾ لکيو وڃي ٿو پر اويس ساگر جا بہ ستا پڻ شاعري جي اصولن تي پورا نہ ٿا لهن باقي ٻن سٽن جي خيال کي ساراهي سگهجي ٿو ۽ ڪجھ بہ ستا بيت جي اصولن جي پوئواري ڪندي نظر اچن ٿا.

بهرحال جيڪڏهن اويس ساگر سندي شاعريءَ جو گهرائي ۽ سان مطالعو ڪندو رهيو ۽ سنڌي ادبي سنگت سکر جي تربيتي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو رهيو ۽ پنهنجي شاعريءَ جي درستگي سکر جي سينيئر شاعرن کان ڪرائيندو رهيو تهمستقبل ۾ هو سٺو شاعر ثابت ٿيندو چو تہ وٽس خيال جي گهرائي بہ آهي تہ شاعر جي حساسيت واري حس بہ منجهس بدرجہ اتم موجود آهي سکر شهر ۾ تمام ڀلا بهترين شاعر موجود آهن جن مان هو پنهنجي طبيعت پٽاندڙ ڪنهن کان بہ رهنمائي وٺي سگهي ٿو.

منظور بيدار

مهر محلو نيو پنڊ سکر

03337208162

www.sindhsalamat.com

تشنگي سان تار ساگر

جيتري سکر جي گرمي پنهنجي تيزي ۽ تپش جي ڪري ڏيهان ڏيه مشهور آهي اوترو ئي هن شهر جو سيارو رومان پرور ۽ مسحور ڪندڙ آهي. سکر جي ڊسمبر جي سانت راتين ۾ جڏهن سنڌوءَ جو چوليون پڻ ڪجھ سائتون ساھ پٽڻ لاءِ خاموش ٿي وينديون آهن تڏهن هر شاعراڻي مزاج رکندڙ دل ۾ احساسن جون لهرون ڪر کڻي جاڳنديون آهن. سکر جو سيارو شاعرن جي احساسن جي ڦوٽهڙي لاءِ ايترو ئي اثر رکي ٿو جيئن سنڌوءَ جو پاڻي ڌرتيءَ جي زرخيزي جي لاءِ. اهو ئي سبب آهي جو هن شهر سنڌي ادب کي ڪيترائي اهڙا اديب ۽ شاعر ڏنا آهن جن ڪردار کي ڪڏهن بہ فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي.

سچ اهو آهي تہ شاعر يا اديب جي درجہ بندي ڪري ئي نہ ٿي سگهجي، شاعري مسلسل رياضت جو نالو آهي، جيئن ڪله جا نووارد نوجوان اڄ ادب جا وڏا نالا آهن. تيئن ممڪن آهي تہ اڄ اسان جهڙن، جهڙو تهڙو لکندڙن مان ڪو نوجوان اڳتي اچي پنهنجو پاڻ کي نکاري سکر جي سڃاڻ بڻجي وڃي. ڪيترائي اهڙا نووارد ۽ نوجوان آهن جيڪي هجوم ۾ اپين پيرين بيهي پنهنجو پاڻ کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. اويس ساگر بہ انهن مان هڪ آهي. مسلسل رياضت سندس حصي ۾ اچي ٿي يا هي دوست بہ جر ڦوٽي جيان ٿوري دير لاءِ اپامي ختم ٿي وڃي ٿو اهو تہ وقت ئي ٻڌائيندو پر سکر جي هن سادڙي ۽ خاموش طبع نوجوان جي احساسن جي اٿل پٿل ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪا اهڙي چولي ضرور چلي ٿي جيڪا دل جا ڪنارا ڇهي موٽي ٿي. سندس هڪ نثري نظم ۾ احساس ملاحظ ڪيو:

تون جڏهن
پنهنجي نيڻن تان
گهاٽين پنبڻين وارو
پردو کڻين ٿي،
سوين نظم سرجي تا پون!

محبوب جي اک جي پنبڻين جي کڄڻ سان شاعر جي ذات کي ساهه ملي ٿو پوي، سنڌي اردو شاعري ۾ محبوب جي نيڻن ۽ ان سان شاعري جو سڏو تناسب جيتوڻيڪ ڪو نئون خيال ڪونهي پر اسان جي اويس جي ذات ۽ محبوب جي نيڻن ۾ وچ ۾ رڪاوٽ بڻيل پنبڻين جو پردو هڪ معصومانہ نواڻ ضرور آهي.

خيالن جي آنڌ مانڌ ۾ ڪنهن شاعر جي سرجيل ڪا هڪ سٽ ايتري تہ قيمتي هجي ٿي جو ان کي هر صورت ۾ محفوظ بڻائڻ شاعر جي پهرين ترجيح هوندي آهي. ان ڳالهه جو صحيح اندازو صرف اهو ئي لڳائي سگهي ٿو جيڪو پاڻ تخيل ۽ تخليق جي ان مرحلي مان گذريو هجي. اويس وٽ بہ اهو احساس شدت سان موجود آهي، اهو سبب آهي جو پنهنجي محبوب کي نظم جي سٽ سان تشبيهہ ڏيندي هڪ نثري نظم ۾ لکي ٿو

"خيالن ۾
ٿي ويہ..!
وڃائجي وڃين
متان...
شاعر جي
نظم جي
آخري سٽ آن تون!

اها هڪ خوبصورت ۽ نرالي تشبيهه آهي جيڪا پڌائي ٿي تہ اويس جي مٽي آلي ۽ چيڪي آهي جيڪا وقت جي چڪ تي چڙهيل آهي، البتہ ڪيس ڪنهن مشاق ڪنڀار جي ضرورت ضرور آهي جيڪو پنهنجي حرفت سان ان مٽي مان ڪو شاهڪار گهڙي سگهي.

منهنجون اويس سان صرف هڪ بہ مختصر ملاقاتون رهيون آهن. پنهنجي سياءَ ۾ هو مونکي هڪ سنجيده ۽ جاکوڙي نوجوان معلوم ٿيو آهي. سندس چواٽي ادبي ڪيتر ۾ سندس راهرو ۽ استاد مرحوم بشير منگي صاحب هو جيڪو بنا ڪنهن وڏاءِ جي سنڌي ادب خاص طور سکر جي ادبي حلقي ۾ هڪ جوهر شناس جي حيثيت رکي پيو. مونکي يقين آهي تہ بشير منگي صاحب اويس ۾ لڪل هڪ برجستي ليکڪ کي ضرور محسوس ڪيو هوندو، مگر افسوس جو اويس جي فني ۽ فڪري سفر جي شروعات ۾ ئي بشير سائين اهڙي سفر تي اسهي ويو جتان اڄ تائين ڪوئي بہ واپس ناهي آيو.

اويس جي شاعري جو هي ڪتاب جيڪو گهٽي پاڳي نثري نظمن تي مشتمل آهي، هڪ شاهڪار ڪتاب ڪونهي،مان ڄاڻان ٿو تہ فني توڙي فڪري طور تي اڃا ڪيس اصلاح جي ضرورت آهي پر هيءَ سندس پهرين وک آهي جيڪا هميشه متزلزل هوندي آهي. متزلزل هوندي بہ سندس هيءِ وک سندس ادبي پنڌ جي شروعات آهي ۽ ان لاءِ اويس مبارڪون لهڻي، ڪيس اڃا ڪافي پنڌ ڪرڻو آهي، ڪرڻو آهي، اٿڻو آهي، هلڻو آهي ۽ سکڻو آهي. پر مان پرامید آهيان تہ سندس اندر ۾ موجود ادب ۽ شاعريءَ جي تشنگي احساسن جي هن ساگر کي سانت ٿيڻ نہ ڏيندي ۽ گذرندڙ وقت سان سندس هر وک وڌيڪ توانائي ۽ مضبوط ٿيندي ويندي. آخرم سندس شاعري مان پنهنجي پسند جا چونڊ بہ نظم ونڊيندي موڪلائي.

"چار ڏينهن زندگي "

ايئن نہ ٿو ٿي سگهي
بہ ڏينهن اوهين
مون وٽ رهو،
بہ ڏينهن آئون
اوهان وٽ رهان!
چار ڏينهن زندگي آ،
نہ اوهان اداس رهو،
نہ آئون اداس رهان.

"عميق"

اوهان جي نيڻن ۾
پاڻيءَ جي
چولي ڏسي
خيال آيو،
ڍنڍ ۾
پٿر ڪنهن اڇلايو آ.

ڊاڪٽر سجاد سرور

الخير جنرل اسپتال ايئرپورٽ روڊ سکر

24-12-2021

”ڏور آڪاش تي ڪوئي ڳائي ٿو. . . .“

ڪنهن شاعر لاءِ اهو ضروري ناهي تہ هڪ ئي وقت هو اديب يا دانشور بہ هجي. چاڪاڻ جو شاعري بہ فلسفي کان ڌار شيءِ آهي. جنهن جا پنهنجا منطق ۽ دليل آهن. منهنجي شاعري محبت ۽ عاشقيءَ جي شاعري آهي. منهنجي شاعري انهن سيني لاءِ آهي، جيڪي ان ۾ پنهنجو درد ٿا ڳولهن. جيئن هر مني آبشار تي پيئندڙ جو حق ٿئي ٿو.

مونکي ننڍي هوندي کان ئي شاعري پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق ۽ ذوق رهيو. اردو، سنڌي ۽ انگريزي شاعري پڙهي اٿم. سنڌيءَ ۾ شاهہ لطيف رحہ، سچل سرمست رحہ، سامي، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ اڄ جي جديد شاعرن کي پڙهيو اٿم. اردوءَ ۾ اقبال رحہ ۽ غالب کي ۽ انگريزي ۾ شيڪسپيئر کي پڙهيو اٿم.

محبت جي فلاسافر افلاطون چيو تہ ”جنهن کي محبت ناهي ڇهيو اهو اونداهہ ۾ ٿو ڀٽڪي“. سو هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي محبت جي گرفت ۾ گرفتار رهي ٿو. اهو ڪنهن شاعر جو ڪمال ناهي هوندو تہ هو شاعري لکي اهو تہ محبت جو ئي ڪمال ٿئي ٿو جو ڪنهن شاعر کي لکڻ تي اتساهي ٿي. محبت چاهي اها خدا سان هجي، ڌرتي ۽ وطن سان هجي يا وري محبوب سان هجي وغيره وغيره. شايد مون لاءِ بہ اهو محبت جو ئي ڪارڻ آهي. جو مون هي محبت جو اظهار شاعري ذريعي اوهان تائين پهچايو آهي.

”جيئن هر شاعر کي ڪا خاص صنف ۽ ٽيڪنڪ وڌيڪ اتساهيندي آهي ساڳي طرح مون کي بہ آزاد نظم وڌيڪ وڻندا آهن.

books.sindhsalamat.com

مون نظمن سان گڏ غزل، وايون، بيت ۽ چئوسٽا بہ لکيا آهن. چاڪاڻ جو شاعري نالو ئي اظهار جي هڪ مخصوص رويي جو آهي ۽ اظهار جي جيڪا (Relaxation) آزاد نظم ۾ رهي ٿي، اها شاعريءَ جي ٻي ڪنهن بہ پابند صنفن ۾ گهٽيل ۽ ٻوساٽيل رهجي وڃي ٿي“.

بقول ڪنول لهاٽي جي:

جيڪڏهن خيال کو مجروح ٿئي،
رديف تہ ڇا، ڪافيا بہ ڀڃي سگهجن ٿا!

مونکي چوڏهين جو چنڊ ۽ سندس چانڊوڪي ڏاڍي اتساهيندي آهي، چيڙائيندي آهي. ڏکڻ جي ٿڌڙي هير، انڌياري رات، اڪيلائپ، مينهوڳي ۽ محبوب جون مست ادائون تمام گهڻو متاثر ڪنديون آهن. اهو سبب آهي جو هن ڪتاب ۾ اوهان کي اهڙن ڪوڙ سارن موضوعن تي مشتمل شاعري ملندي. خبر ناهي تہ انگريز شاعر وليم شڪسپيئر ائين ڇو چيو آهي تہ ”محبوبا جي هڪ سئو چُمين کان سگريٽ جو آخري ڪَشُ وڌيڪ بهتر آهي“. پر مان ان شيءِ جو قائل ناهيان، مان تہ ائين چوندس ”مَي جي ڪشش کان وڌيڪ سونهن جي ڪشش متاثر ڪندڙ آهي“.

شاعري منهنجي انهن نازڪ احساسن جي ترجماني رهي آهي جنهن مون سان تنهائي ۾ ساٿ ڏنو آهي جيئن خوشين ۾ بهار جي مند ۾ مهڪندڙ گلابن جي خوشبوءِ هن سنسار کي مهڪائي ڇڏيندي آهي. ائين منهنجي ويران من کي جيئندان ڏيندي آهي. جڏهن ڪنهن جي دل دردن سان ڳنڍيجي ويندي آهي تہ هو اڏورو بلڪل ناهي رهندو. شاعري اهڙن ئي الڪن، اڌمن ۽ سورن جي وارتائن جي ترجمان آهي. شاعري اهو آرٽ آهي جنهن ۾ شاعر پنهنجي زندگي جو هر لمحو

www.sindhsalamat.com

پنهنجي لفظن جي پسگردائي ۾ قيد ڪري ٿو ۽ وقت گذرڻ سان ان لمحي کي ڏسي ماضي جا ورق اٿلائي ٿو.

آئون پنهنجي پروردگار جو شڪر گذار آهيان جنهن مونکي شاعري جي ڪچي پڪي ڏات عطا ڪئي ۽ هوش حواس ڏئي زماني کي پرکڻ جي پڻ سگهه عطا ڪئي. منهنجي هيءَ شاعري جي پهرين تخليق آهي جيڪا مون چويهن سالن جي عمر ۾ لکي آهي ۽ مون لاءِ اها وڏي فخر جوڳي ڳالهه آهي جو ننڍي عمر ۾ مون پهريون ڪتاب لکيو آهي. هي ڪا مڪمل تخليق نه آهي هي ته بس ادبي سفر جو اعمال نامو آهي جنهن منجهه ڪوڙ ساريون ڪميون پيٽيون ضرور آهن ۽ اهي اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا.

منهنجي هن ادبي سفر جي شروعات سنڌ جي ناليواري شاعر، اديب، ڪالم نگار ۽ ڪهاڻيڪار مرحوم بشير منگي سان ٿئي ٿي. هو منهنجو مخلص استاد پڻ رهيو آهي. مون ساڻس ادبي سفر ۾ ست سال گڏ گذاريا آهن. ڪائنس شاعري جي رهنمائي وٺندو رهيس. هو هڪ صوفي صفت انسان هو. هڪ کرو ۽ بي باڪ مرد هو. اڄ هو اسان سان گڏ نه آهي، سندس يادون هميشه اسان سان گڏ آهن. هو نه صرف منهنجو استاد هو بلڪ محسن پائرن جيئان ئي پائيندو هو. رب سائين سندس مغفرت ڪري.

آخر ۾ آئون هنن سڀني مانوارن دوستن جو دلي ٿورائتو آهيان جن هن تخليقي سفر ۾ منهنجي بيحد حوصلا افزائي ڪئي ۽ هن ڪاوش کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ لاءِ محنت ۽ جاکوڙ ڪئي. ڪتاب جي پروف ريڊنگ، نشانيون ۽ ٻيون ڪي ڳچايون ڦڪايون ڏسڻ لاءِ مانواري پاءُ امراياز مهر کي تڪليف ڏنم، هن به پنهنجي دل جان سان سيئي پروف به ڏنا ته نظمن ۾ ٻيهڪ جي نشانين، فني ۽ فڪري لحاظ

کان مفيد مشورا به ڏنا. آئون ٿورائتو آهيان پنهنجي سينئر استاد پروفيسر منظور بيدار صاحب جن جو جن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪتاب تي خاص مضمون لکيو ۽ منهنجين ڳمين ڪوتاهين تي ادبي روشني وڌي. خوش مزاج من رڪندڙ محترم حبيب ساجد جو بيحد ٿورائتو آهيان جو مون ڪيس ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ نماڻو عرض ڪيو ته سائين جن محبت جي وڪ وڌائي آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ منهنجي ڪتاب تي پنهنجي ادبي نگاهه جي نظرثاني ڪندي پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي مهاڳ لکي ڏنو. آئون دلي مشڪور آهيان مانواري ڊاڪٽر سجاد سرور مهر صاحب جو جن به پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي مون ناچيز لاءِ پنهنجا انمول تاثر لکيا.

مانواري سائين ادل سومري جو نهايت ٿورائتو آهيان جن پنهنجوقيمتي وقت سان گڏ قيمتي لفظن ۾ ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکي ڏنو. سميع سجاد ميراڻي جو آئون دلي مشڪور آهيان جنهن نه صرف منهنجي شاعريءَ جي اصلاح ڪندي گڏ رهنمائي پڻ ڪئي. انهن سڀنن جو عاجز آهيان جو ڪتاب لاءِ همٿ ڏياري اوهان پڙهندڙن تائين پهچايو. اوهان جي قيمتي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

اويس ساگر سومرو

ريلوي ڪالوني نيوپنڊ سکر

جنوري 2022ع

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

تَن تَشنگِي تار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف جي ڌرتي!

سنڌُ سونهاري لطيف جي ڌرتي،
پاڪ پياري لطيف جي ڌرتي

ڪِيسَ ڏسان مان روز هتي پر!
نيٺن هاري لطيف جي ڌرتي

جرڪن جنهن ۾ لال جواهَر!
سونَ آ ساري لطيف جي ڌرتي

مون لئہ امرت "شاهه رسالو"
رهي سوپاري لطيف جي ڌرتي

منڇر، ڪينجهر ڪيٽي بندر!
مُوئن واري، لطيف جي ڌرتي.

"سنڌ امان"

او! پياري سنڌ امان
سُونهاري سنڌ امان!

قربان وڃان تو تي
جياري سنڌ امان!

گورک تنهنجي جَنَت،
سُونهن ساري سنڌ امان!

ڪيٽي بندر ۽ منڇر
ڪينجهر واري سنڌ امان!

شاهه سچل ساميءَ جي
تون پلاري سنڌ امان!

مٺي ٻولي تنهنجي آهي
اي ٻاجهاري سنڌ امان

تنهنجي سونهن چنڊ مثل،
اي بهارن واري سنڌ امان!

سيد ۽ سنڌ

سيد تنهنجي سنڌ،
جڙيل منهنجي جندُ!

سيد تنهنجي سنڌ،
مٿس گهوريان جند!

سيد تنهنجي سنڌ،
ماکي ۽ گلقند!

سيد تنهنجي سنڌ،
هرڪو فڪرمند!

سيد تنهنجي سنڌ،
چانڊوڪي ۽ چنڊ!

غزل

ننڊ نيڻن کان ڦٽي آ،
من اندر ڪا ڏرتتي آ.

منتظر ديدار جو مان
ڪو نہ آئي ڪا چٺي آ.

سُونهن تنهنجي نور آهي،
مُرڪ ماکيءَ کان مٺي آ.

توئي نظرن ساڻ پياري،
هر ڪائي دلڙي ڪٺي آ.

ڇو لڳائي نينهن ناتا؟
هاڻ ساگر کان رٺي آ.

غزل

اوسيئڙو هر وار سڪر ۾،
ساريان توکي يار سڪر ۾!

ڏکن جي رُت هلي وئي آ،
آئي مُند بهار سڪر ۾!

تو جو وار چڙيا هن کولي،
گُل ٿيا گلزار سڪر ۾!

چوڏس هِن مهراڻ جون لهرون،
۽ آ ميگهه ملهار سڪر ۾!

ڪاچو ٿر ٻرُ سُهڻو آ پر،
آءُ تہ ڪريون پيار سڪر ۾!

”ساگر“ کي تہ وساري ويٺين،
ڪين لڌئي ڪا سار سڪر ۾!

مينهوڳي

اوهان چا چاٽو
مينهوڳيءَ جا مزا....!!!
ٻُوندن جو ريشمي بدن تي
رقص ڪرڻ....
پَنورن جيئان
ڦيرا پائڻ....
انڊلٺي رنگن جا
روح ۾
ليڪا پائڻ ......
زندگيءَ جا بيحد
وڻندڙ نظارا آهن....
جيڪي اندر ۾
پيار جي سج کي
اپارين ٿا......
نئين آس جاڳائن ٿا....
۽ توکي مونکي
ملائن ٿا....!!!

سانوري

زُلف ڪارا،
ڪاري چولي،
بدن تي
مٿس لڳل شيشا،
ويني ڏسي،
شيشن ۾
پنهنجون نيريون
اکيون....!
هُوءَ سانوري،
ڇوڪري.

اوسيئڙو

اوسيئڙي ۾ آءُ
وڻ جي هڪڙي ٽاريءَ هيٺان
توکي ساريان ويٺو..
ڳونچ ٽڙيا ۽ گُل ڪِڙيا
هوائون هيون سي گذري ويون...
يادن جي خوشبو چوڏس هئي..
ڪنوٽيون ڪِنويون اندر ۾
۽ بادل برسيا نيٽن مان...
ترسيا ڪِينَ مگر
منهنجا نيڻ
شالَ اچو هيل
منهنجي مند بهار ۾.....

منهنجي راڻي

گلڙن جهڙي ڇوڪري،
تنهنجو پارس جهڙو
پيارُ...!!
تنهنجون اکيون،
ميگهه مَلهار،
تَن، تنهنجو خوشبودار
گهنگور گهٽائن جهڙي آهين....
سُندر ادائن جهڙي آهين...
ڪجهه جهڙي اڇي اُجري
حُسن جي تون پري آهين....
ها پر منهنجي پياري.....
هڪ ڳالهه ڪرڻ پيو
چاهيان توسان....
نظم هڪڙو تنهنجي لاءِ...
سِرجڻ پيو چاهيان مان....
عنوان اهو پر ڏيڻ توچاهيان....
منهنجي مَنَ جي
راڻي آهين....!!!

سِڪَ

تنهنجي سڪ ۾....
جا عمر
گذري!
سا،
ڪمال
گذري..!

اُڪِيرَ

ايندي آن!
ياد تون،
برسات،
جي بوندن
۾....!!

پيار جو جنم ڏڻ

ٿُون ۽ آءٌ...
جنهن ڏينهن ملياسين،
اُهو ڏينهن
هِن صديءَ جو...
سڀ کان خوبصورت
ڏينهن!
مَنجهه شمار ٿيندو!
ماڻهو هر سال
پنهنجو جنم ڏڻ ملهائيندا آهن...
آئون هر سال
پنهنجي ميلاپ
واري ڏينهن کي
تنهنجي منهنجي پيار
جو جنم ڏڻ ڪري ملهائيندس

ڦُڳڻ جي شام

عاشق ڦٽي ڏئي ٿو
هٿن جي آڱرين سان،
محبوبا جي
زُلفن کي....!
عشق هُن جو...
روح جي ڳلين مان نڪري
پَروان چڙهي ٿو...!
ڊسمبر جا پارا....
پنهنجي ڀرپور جوڀن سان
ماڻهن جي رَتُ کي
ڄمائي رهيا آهن
پر اي مٺي..!
تنهنجو ساٿ
ڦُڳڻ مهيني جي
اُن وٽندڙ شام جهڙو آهي
جنهن جون هوائون
اندر ۾ انڊلٺ جا رنگ
نروار ڪنديون آهن....!!

جي اسان نه هونداسين!

توجي وساري ڇڏيو!
پوءِ ڪنهن کي ٻڌائيندس
اُهي جلاد، قاتل
۽ وِڍ ڏيندڙ راتيون!
عذاب ڏينهڙا،
پَل پَل سراب ...

توجي وساري ڇڏيو!
پوءِ ڪنهن سان نه سليندس..
ماضيءَ جا جهروڪا...
اهو پيار ۽ پاڪر...
۽ تنهنجا وعده....!!!

ساري ويٺي

چانڊوڪي رات آهي،
هوءَ ڪجلا نيڻ!
وڇائي....
اوسيئڙي ۾ ويٺي آهي!
اڻپور خوابن جي ڌرتيءَ کي،،
ساپيائن جو آسمان ڏيڻ لاءِ !
جُستجوءَ جي داڻن کي
ٿي سوري ويٺي....
هوءَ سُندرتا سُهڻي...!
راهه مُنهنجي،
نهاري ويٺي!
ها...مونکي ٿي ساري ويٺي!

نيڻ

مَڌ جا پيالا،
تنهنجا نيڻ!
ڪينجهر ڪنارا،
تنهنجا نيڻ!
چمڪن ستارا،
تنهنجا نيڻ!
اوندهہ ۾ لاٽ،
تنهنجا نيڻ!
ڀٽائيءَ جا بيت،
تنهنجا نيڻ!
گنگا ۽ جمنا،
تنهنجا نيڻ!
شاعر جا نظم،
تنهنجا نيڻ!

تنهنجون مِٺيون!

شامَ جا،
پاڇا! جڏهن،
ڪينجهر جي!
ڪنارن کي،
ٻاڪر ڀريندا آهن....
تڏهن....
ڄام شوري
جي مست هوائن ۾!
اُهي ڏنل،
"تنهنجون مِٺيون"
شاهہ جي سُرن!
جيئان دل
تي، رقص
ڪنديون آهن.....!

سُڌَ...!!

هيل اچ،
مينهوڳيءَ ۾!
شال...
آئينديءَ ۾،
زندگي
ڪين رهي...

نينهن...

دلبر تون سان نينهن،
اهڙو اڙيو....
جيئن هڪ سادڙو گُل
خوشبوءِ سان
واسجي ويندو آهي....!

آءُ جي مري وڃان!

آءُ جي مري وڃان تہ!
منهنجي زندگيءَ کي،
ڊائري تي لکيل،
صفحن
۾ پڙهجو!!
مُنهنجي نظمن کي،
مُنهنجي شاعري ۾ پڙهجو!
مُنهنجي عشق
کي، غزلن جي
گونجار ۾ ڳولهجو...
ها.... جي آءُ
مري وڃان تہ!
گلشن جي،
رنگين بهارن ۾،
گهنگهور گهٽائن ۾،
شام جي پاڇولن،
مهراڻ جي ڪنڌين،
اڀَ ۾ تارن
چانڊوڪين!
۾ ڳولهجو!!

مَعصومُ

گلڙن جي هِنن،
گونچن جيئان،
تنهنجي جوانيءَ
جو اپار ٻہ!
گلابي رنگت
وانگر اپري رهيو آ....
ها، مگر....
تون بي خبر آهين!
پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ کان،
چاڪاڻ...
تون معصوم آهين!
زماني جي
بدگماني کان.....
ها پر جي
تنهنجو حوصلو
آسمانن جي بلندين کي ڇُهندو
پوءِ تون بهادر آهين..
بگهڙن جي اکين ۾ ڪنڊو آهين..!!

اوهان جي ياد.....!

بادلن جي گجگوڙ
ستارن جي رم جهم!
هوائن جون شوخيون!
اکڙين جون
چالاڪيون....
پنبڙين جون
شرارتون،
پايل جي
ڪينچل،
رات جون چاندوڪيون!
ڇير جي
ڇم ڇم....
مينهن جي
ٽم ٽم!
۽ ياد اوهان جي.....

لمحو

اهو هڪ لمحو ئي
ڪافي آهي،
جنهن ۾ تون!
شامل آهين
پياري،
ان لمحي کان
وڌيڪ ته!
زندگاني جي
ڪا خواهش ڪونهي!

بارش

ساوڻ جو پهريون وسڪارو،
مست هوائن جون
سَرگوشيون!
مٽيءَ جي خوشبو!!
دري تي بارش جي،
بوندن جي سلامي....
چانهه جو ڪوپ
آءٌ ۽ تنهنجي ياد!

اي ڇوڪرا!

تنهنجي سُونهن!
بيمار لاءِ دوا،
ٿَڪُ دور ڪندڙ ۽
اکيُن کي بيحد وڻندڙ آهي
تنهنجي ڳِتن جي
لالاڻ....
اُڀ ۾ اوير تي،
اَسُر کان پوءِ جو نظارو ڏيندو آهي...
تون وينگس آهين...!
خواب نگر جي وينگس..
جنهن کي پاڪر پرڻ جي
ساپيان...!
ڪليل اکيون بند ٿيڻ لاءِ
رات جو انتظار ڪنديون آهن..!

ادائون

مون هر هڪ
سنڀالي رکي آهي...!
تنهنجون
ادائون به ته...
ڪنهن خزاني کان
گهٽ ٿورئي آهن...!!!

ارڙهين شام

ڊسمبر جي
ارڙهين شام آهي!
شالَ تہ هن
پاتي هوندي...!!!
پراڻي عادت اٿس،
ڪوپ ۾ اڌ چانهہ تہ
ڇڏي هوندي
۽ منهنجي ياد......!!
مُمڪن ئي ناهي!!
اها فطرت اٿس،
ڪيس ايتري،
فرصت ڪاٿي هُوندي!

ڊسمبر

اي ڊسمبر!
جي هاڻ،
موڪلائين تہ؟
مونکي بہ.....!
پاڻ سان گڏ
ڪٽي وڃ!
آئون بہ گذريل سال جيان
منافقاڻن روين ۾
رشتن ڪان بچندي
ڪيلينڊر ۾
گُم ٿو ٿي وڃڻ چاهيان....!!

مون کي پسند آهي!

مونکي پسند آهي،
جبل جي چوٽيءَ تي،
هڪ ننڍڙو خوبصورت گهر!
جنهن جي ڳڙکيءَ جي چائنٺ تي
ٽونٽ رکي،
هڪ هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ جهلي،
اکين مان نظر ايندڙ
سمورا دل کي وڻندڙ
نظارا ڏسان...
۽ توکي ديوانو ٿي
ياد ڪريان.....!!

سرمد

تون وئين تہ وري
واپس ڪين ورئين سرمد!
تنهنجي گيتن تي هِن!
اکڙين ڪيا رقص....
تنهنجي سازن تي ڪن!
جوانن حياتيون گهاريون
باهہ ٻاريون تو..
پنهنجي آواز سان
انقلاب جون.....

نوٽ: هي نظم سرمد سنڌي جي وڇوڙي کي ڀيٽا طور لکيو آهي.

شام ٿي وئي آهي!

شام ٿي وئي آهي!
سمنڊ ڇوليون هڻي،
ٿڪجي پيو آ،
پکيئڙا پنهنجن ماڳن ڏانهن
ورڻ لڳا آهن...!
پر منهنجو روح،
ڄڻ صدين کان اداس،
اڻپورا سپنا سانڍي،
زندگيءَ جي تاريڪ
راهن تي...
ٻَن ٻَن ڀٽڪندو رهي ٿو...!
توکي ڳوليندو رهي ٿو..

خُوشبوءِ

مونکي گُلاب جا،
گُل....!
۽ تنهنجا چپ...!
ان ڪري به وڻندا آهن،
جو ٻنهي جي،
خوشبوءِ....
هڪ جهڙي آهي....!!

ڳولا....!!!

آءُ رات جي،
تاريڪين ۾
توکي ڳوليندو آهيان
پر تون.....!
مُند بهار ۾ گلڙن جي
مهڪ جيئان،
منهنجي من تي ڇانيل
هوندي آهين...

ڇڏي نه وڃجان!

خواب ۾ به ڪالهه آئي هئي!
نيڻن ۾ اُداسي هيس،
سُڏڪي چيائين....
تون موت جي ڀيڻ سان
ڀاڪر پاتيون
ستو پيو آهين...!
۽ آئون...
صدين کان عشق جي آڙاهه ۾،
سڙان ٿي، پڄران ٿي...!
ڪيس چيم.....!!!
شڪ نه ڪر،

چاهت جو پيرمرڪ....!!
ڪين الوداع،
ڪندس توکي،
روح منهنجو ته رڙي ٿو!
جيءُ منهنجو ته جهُري ٿو....
منهنجين اکين ۾ چِتائي ڏس
صدين جا اوجاڳا هِن انهن ۾....!
تنهنجي شدت سان جڏهن...
سِڪ لڳندي آهي...
اکيون ڀوٽي
خواب نگر ۾ توکي ڳولڻ
نڪري پوندو آهيان....!
توکي پوجڻ نڪري پوندو آهيان.....!

يادگيريون

يادگيريون ڪڏهن ته
پراڻيون ناهن ٿينديون،
بهار جي مند ۾،
ٽڙندڙ گلابن جيئان،
هميشه تازيون رهنديون آهن!
جن کي ياد ڪري،
انسان...!
ڪي سال جيئندا آهن!!

اکيون....!!

تنهنجون اکيون،
ان ڪري بہ....
مون لاءِ....!
مقدس آهن
ڇاڪاڻ جو سندن،
وهندڙ پاڻي!
سنڌو جيئان
پاڪ ۽ پوتر
آهي..!!

سياري جي رات

مونکي پسند آهي
سياري جي سرد رات!
گرم هنڌ، ڪتاب ۽
چانھ جو هڪڙو ڪوپ....!!
ناول جا پنا اٿلائيندي ۽
رومانوي ڊائلاگ پڙهندي.....
تنهنجي ياد .....!
سيءَ سان گڏ
اندر ۾ لهي ويندي آهي....!!

ٿارو ملي وڃي

راتِ جي سيني ۾
دفن ٿيل آهن.....
منهنجي درد جون پاڙون!
۽ اوهين ..
اکڙين ڪان سڏڪن جو
سبب ٿا پڇو...!
بيشڪ..!
زندگي چند لمحن جي آهي
ڦوهہ جوانيءَ ۾ جي
ملي وڃي..
موت ڪان جيڪر!
ٿارو ملي وڃي.....!!!

عَميق..!!

اوهان جي نيڻن ۾
پاڻيءَ جي
ڇولي ڏسي
خيال آيو
ڍنڍ ۾.....
پٿر ڪنهن اڇلايو آ...!!

آخري سِتَ

خيالن ۾
تي ويهہ...!
وچائجي وڃي،
متان.....
شاعر جي نظم
جي آخري،
سٽ آ ٿُون.....!!

و ينگَس...!!

خماريل ناسي نيڻ،
چيلهہ سنهڙيءَ تي
وچايل ڊگها زلف...!
رنگ ڏاڙهون،
پشم پيير،
پيشاني ۾ چنڊ جو نورا!
ڳلڙا جيئن رسيلا انگور...
ماڪي رسا چپڙا،،
اصل وينگس.....!!!
منهنجن خوابن جي راڻي
منهنجن خوابن جي
ساپيان...!

شاعر

حساسيت جي شاهراهه
تي سفر ڪندڙ
شاعر
چوزي جي دل ڏاريندا آهن
انهن جي اکين ۾
امن جو جهنڊو
ڦڙڦڙائيندو رهندو آهي
انسانيت جو
درس ڏيندڙ انهن
قلمڪارن جي
محبوب
انهن جي ڌرتي آهي...!

books.sindhsalamat.com

شاعر ۽ ڇوڪري...!!

تون جڏهن
پنهنجن نيڻن تان
گهاٽن پنبڻين وارو
پردو کڻين ٿي،
سوين نظم سِرجي ٿا پون..!!

www.sindhsalamat.com

او سڪي...!!!

چانڊوڪين ۾ جي
تون اچين او سڪي!
دل اداس واديءَ ۾
ڪي گُل ڪِڙي پون....
ڪي ٽهڪ ٻُري پَون
ڪي اندر ٺري پون
ڪي جام ڇلڪي پون
نيڻن سان نيڻن جون ڪچهريون
۽ چَپَ خاموش ٿي پون
چانڊوڪين ۾ جي
تون اچين او سڪي....!!!

سمنڊ ڪناري

سمنڊ ڪناري ويهي
ڪنهن کي ڳولهين ٿي؟
پاڻ ولوڙين ٿي....!
اندر ڳارين ٿي....
جو وڃائجي ويو هو ڪالهه
اهو ٻيهر نہ ورڻو آ
سچ اُتر نہ اپرڻو آ
سچ ڪوڙ نہ ٽيڙو آ
سمنڊ ڪناري ويهي
ڪنهن کي ڳولهين ٿي..
رڳو پاڻ ولوڙين ٿي....!!!

چار ڏينهن زندگي

ايئن نہ ٿو ٿي سگهي،
ٻہ ڏينهن اوهين
مون وٽ رهو
ٻہ ڏينهن آءٌ
اوهان وٽ رهان!
چار ڏينهن جي زندگي آ
نہ توهان اداس رهو
نہ آءٌ اداس رهان...

هِجر جون راتيون

جون جي گرم جهولن ۾
تنهنجي جدائي ۾
حجر جون راتيون،
ساونڻ جون برساتون،
انڊلٺي رنگ،
چوماسي جون هوائون
۽ سموريون رنگينيون هيون
مگر....
خوشيون ڪين هُيون!
ڇاڪاڻ جو..
اوهين ڪِين هُئا.
زندگي ڪِين هئي....!!!!

ڊسمبر جي رات

ڊسمبر جي اها رات
ڪين ڪاٽي سگهيو هُيس
جڏهن چؤطرف انڌاري هئي،
خالي بينچ،
هُو جو عالم هو...
۽ برسات جي ٽم ٽم جاري هئي....
خوف جا ڪارا هٿ
چوڌس پکڙيل هئا....
تڏهن مون هڪ
ڏيئو ٻاريو...!
دل جي ڪينواس تي...
تنهنجي ياد جو....
۽ سموري رات
رِجهندو رهيس....!!!!

وڏڦڙو

آڌيءَ رات آهي!
وڏڦڙو
پنهنجي جوڀن سان،
هيبتاڪ آوازن جو
روپ ڌاري
ڌرتيءَ مٿان وسي رهيو آهي،
۽ تنهنجي ياد ۾
هڪ دل
ڌڙ ڌڙ ڌڙڪي رهي آهي
سُڏڪي رهي آهي!
تنهنجا سمورا ڪيل وعده گڏ ڪري،
انهن کي ياد ڪري
ڦٽڪي رهي آهي!
وڏڦڙو وسي رهيو آهي
دل ڌڙڪي رهي آهي
زندگي گذري رهي آهي....!!!

زندگيءَ سان ڪچهري...!!

چيم :
تنهائي زندگيءَ جو هڪ باب آهي!
جواب ۾ صرف مُرڪي پئي!
ويجهو ڪري چيم
زندگي تنها گذارڻ ڪيڏو عذاب آهي!!!
اهو احساس ڪيڏو نه
اذيتناڪ آهي...!
روح تي رهڙن جيان آهي...!
.....
اکيون پرجي آيس،
ڀاڪر ۾ ڀريندي چيائين...
مان تنهنجي ڪائنات آهيان
پنهنجي زندگيءَ کي
هن حَسين ڪائنات جي حوالي ڪري ڇڏ
۽ تنهائيءَ کي گهُٽو ڏئي ڇڏ...!!

رنگين پوپَٽُ

بهارون اچن ٿيون
جڏهن تون کلين ٿي!
هوائون لڳن ٿيون
جڏهن تون کلين ٿي!
پوپٽ اُڏرن ٿا
جڏهن تون اچين ٿي!
چنڊ مرڪي ٿو
جڏهن تون مُرڪين ٿي!
گلاب ٽڙن ٿا
جڏهن تون جُهڪين ٿي!
موت ٽريو وڃي ٿو
جڏهن تون ملين ٿي!

جو ڳيئڙا....!!

جوڳيئڙا...!
تنهنجي وڇوڙي
اندر ۾ وڏ وجهي ڇڏيا آهن ۽
ننڊ کي ڪاٽ هڻي ڇڏيو آهي.....!!
سِڪ تنهنجي ڪيڏو نہ تڙپائي ٿي...
نہ جيئاري ٿي نہ ماري ٿي...
منهنجون بي چين نظرون
توکي ڇوڏس ڳولهين ٿيون...
اي جوڳيئڙا......
عشق منهنجو آ مندر جيئان
ڪو روپ ديوي جو تون
ڏاري اچ.....
جوڳيئڙا......
او هيئنڙا......

شاعريءَ جو روح

شاعر ٽوٻا ٿين ٿا...
جيڪي ڪائنات جي سمنڊ
۾ غوطو هڻي
موتين جهڙا لفظ چونڊين ٿا...!
انهن کي شاعريءَ جو روپ ڏين ٿا...
نظمن جو هار پارائين ٿا...
غزل جون اکيون ڏين ٿا...
هائيڪن جا چپ ڏين ٿا..
گيتن جي گفتار ڏين ٿا...
دوهان بہ ستا ۽ ڇوستا جوڙي،
ذهنن جي آبياري ڪن ٿا...
شاعر حقيقت ۾
ٽوٻا ٿين ٿا...!!!
جيڪي درد ميڙي،
لفظن جو هڪ جهان اڏين ٿا.....!!!

تون ڪِينَ آئينءَ

عيد آئي مگر،
تون ڪين آئينءَ؟
هِن سال بہ خوشين جي ڏهاڙي تي
ويس ڪارا ڪيم..
ڪو نہ سينگار ڪيم..
ها پر....،،،
تنهنجي اچڻ جي اميد تي،
ڪيڏو نہ رقص ڪيو هيم!
ڪيڏو نہ جهوميو هيس مان...
سيني کي پاڪرن ۾ پريو هيس...

پاڻ سان بہ پاڪر پاتو هيس مان...
پوءِ اوچتو نہ ڄاڻ ڇا ٿي ويو....
تنهنجي نہ اچڻ جي خبر
اندر ۾ زلزلو آڻي ڇڏيو....
زندگيءَ کي ڏوڙي ڇڏيو....
خوشين کي مسمار ڪري ڇڏيو..
رقص کي چيپاٽي ڇڏيو....
پاڻ ڪان پاڻ جو
پاڪر ڇڏائجي ويو....!!!
عيد گذري وئي...
مگر تون ڪينَ آئينءَ...!!

اندر جي ڪائنات

تون چوين تہ آسمانَ
تان تارن پري رات
تنهنجي جهول ۾ سجائي ڇڏيان..
عرش لا مڪان تي
توکي سير ڪرايان..
مٽي، بادلن ۾ توکي،
پُسائي اچان....!

جي تون چوين تہ...
تنهنجي نرگسي نيڻن منجهہ
سمونڊ کي سمائي ڇڏيان!
تنهنجي عقابي نگاهہ ۾
وقت کي روڪي رکان..
پَر ائين ممڪن نہ آهي..
انسان جي وَس اهو سڀ ڪجهہ آهي
جنهن سان رشتا
ڪچي ڏاڳي ۾ پوئجي
هڪ مضبوط زنجير بڻجي ويندا آهن..
آءُ توسان تنهنجي زندگيءَ ۾
حقيقت بڻجي جيئڻ چاهيان ٿو..
خوابن جون سرحدون پار ڪري
توکي پنهنجي اندر جي خوبصورت
ڪائنات ۾ سمائڻ چاهيان ٿو
جتي مٽي چاٽايل سموريون
شيون تنهنجون منتظر آهن...!!

اندر جي اُداسي

جيئن سمنڊ هيڏي وڏي
وسيع ڪائنات ۾
اڪيلو آهي، تن تنها آهي
آءُ بہ ائين ئي آهيان
توکان سواءِ بلڪل خالي خالي
اوپرو اوپرو
ڇا.....
ايئن نہ ٿو ٿي سگهي
پاڻ ٻئي هڪ ٿي وڃئون،
پاڻ ٻنهي جي وچ ۾

ڪائنات جي وسعتن
جيتري دوري آهي
ان کي ختم ڪري
هڪٻئي جي روحن منجهه
سمائجي وڃون..
ان کان اڳ جو
اسان جي جسمن کي
يادن جي اڏوهي
اندران کائي چٽ ڪري ڇڏي.....!!!

بگھڙن جو سماج

اي بنت حوا...!
بگھڙن جهڙي سماج ۾
تنهنجو وجود
ڪنهن ڪچي گوشت کان گهٽ ناهي...!!
جنهن کي پَٽِڻ لاءِ
انسان نما بگھڙ
وات مان گِگھه ڳاڙيندا رهندا آهن...!
پر تنهنجي اڄ جي ارڏائپ،
مضبوطي ۽ بهادريءَ
تاريخ کي هڪ نئون موڙ ڏنو آهي...!
هڪ اتساهه ڏنو آهي...!
جيئڻ جو نئون جهان ڏنو آهي..!
۽ گُند سماج کي مات ڏني آهي..!!

تعريف

مون جڏهن بہ
تنهنجي سونهن تي
قلم کنيو آ....
لفظن جو ميڙ..
منهنجي جهول ۾ ڪري پوندو آهي
اُهي لفظ....
جيڪي اداس زندگين کي
خوبصورت جيئندان ڏيندا آهن
اُهي لفظ..
تنهنجي حُسن جي تعريف ڪرڻ
لاءِ تنهنجي هَٿ تي
بيعت ڪرڻ لاءِ
اچي ويندا آهن...!!!

هائيڪا

عشق الستي،
لکي ٿو نظم شاعر
زندگي پُر مستي.
* *

تنهنجون ڳالهيون،
ياد آهن اڄ بہ مونکي
اکڙيون آليون!
* *

نيڻ تنهنجا،
پني تي اتاريل جيئن
نظم منهنجا!
* *

رات ڪٽي آ،
پاڪرن ٻرئي
باک ڦٽي آ.

اڇي پيو شور،
ٿر جي پٽُن تي
نچي پيو مور.
* *

نيڻ تِکيون ڪاتيون،
سنگ مرمر جهڙي بدن تي
هي تراشيل ڇاتيون.
* *

جڏهن ملندي آهين
رنگ وڪري پوندا آهن،
سانئڻ کِلندي آهين!
* *

ڪيڏو اٿس ويساهہ
هن جو پاڪر ٻپريو
ٿڌا ٿڌا ساهہ..

كولي دل جي دري،
نهاريائين جو پيار سان
جيءُ اٿيس وري!
* *

پرين تنهنجو پيار،
موڪيءَ جا چڙ پيالا
خمار هي خمار
* *

هلائيندي جندُ،
ناري ڏنو دريءَ کان،
عيد جو چندُ.
* *

موسم جهُڙالي،
مينهن، گجگوڙ، يادون ۽
مڌ جي پيالي.

صدين کان سنڌ ۾،
شعوري راهه جو قافلو
مُسلسل پنڌ ۾.
* *

گهاوَن جهڙي هئي،
وڇوڙي جي رات جانان
ڪيڏي گهري هئي
* *

زندگي هڪ جام
موت کا بي خبر ماڻهو
پيئي ٿو صبح شام.
* *

پري کان ٿي نهاري،
ڪنهن جي ڏپ وچان هوءَ
مُرڪي ڪيڪاري.
* *

وايون

سَچوءَ چيو سَچُ
درازن جي شهر ۾
بَرِي پيو مَچُ
* *

وَسِي پيو نُور
سچل تنهنجي نگريءَ تي
ڪيڏو آ سرور
* *

مينهن جي ڦُڙ ڦُڙا!
وسي پئي رات جو
بادلن جي گُڙ گڙا!
* *

هُئي تہ ڪيچلي
زندگي ائين وئي گذري
تو بن هيڪلي
* *

ڪيڏي آ بيقراري
تون جو آئين جيون ۾
تي پئي آ بهاري

پري ڏي ڪو جام،
او سڪي اڄ!
چانڊوڪي رات ۾
عشق ٿيو الهام،
او سڪي اڄ!
ٽوڙيندين نہ ڪڏهن؟
اچڻ جو انجام
او سڪي اڄ!
ڏسي توکي دلربا،
اچي ڪو آرام.
او سڪي اڄ!
مون وٽ گذار جيڪر
انٻلٽي آ شام،
او سڪي اڄ!

چانڊوڪي آ رات،
تون هلي آءُ پرين!
سينگار ڏسي تنهنجا
جهومي آ ڪائنات.
تون هلي آءُ پرين!
مهڪي پوندو چمن
وسي آ برسات
تون هلي آءُ پرين!
ساري توکي هينئڙو
ساري ساري رات،
تون هلي آءُ پرين!
جيون ڪٽجي ڪين ڪي
”ساگر“ ڪي آ تات،
تون هلي آءُ پرين!

تيندي مُند ملهار،

ڏيئو نہ وسائي تون

ڪالڪا جي مندر ۾

تي هر طرف هيڪار.

ڏيئو نہ وسائي تون

چوڙيا توجي زُلف

مهڪي پيو سنسار،

ڏيئو نہ وسائي تون

تون مان ۾ چانڊوڪي

موسم آ خوشگوار

ڏيئو نہ وسائي تون

جاڻي ٿي ساري خُدائي

عشق تو سان آ مٺي!

جڏهن گڏجئون پاڻ ٻئي،

وڄي پنهنجي شهنائي،

عشق تو سان آ مٺي!

ڏور نہ ٿي جوڳيئڙا،

ماري ٿي جدائي،

عشق تو سان آ مٺي!

جيون جيل آ جيئڻ

سوا تو ڪان سُڃائي،

عشق تو سان آ مٺي!

مَتجي لوڪُ سارو ڀل

مگر تون ڪر سچائي

عشق تو سان آ مٺي!

وڃ وڇوڙي جا "ساگر"

من ۾ آ اڪيلائي

عشق تو سان آ مٺي!

تنهنجي عشق ۾ يار،
ويا گذري سال!
نہ دمُ ويو نہ غم ويو
نہ نبريا ڪم ڪار،
ويا گذري سال!
ٿُوري ملي ڄام کي
سُهڻي ۽ ميهار،
ويا گذري سال
پرمُ نہ رکيئي پيار جو
سُور ڏنئي هزار
ويا گذري سال
اُجڙي ويو ”ساگر“ پرين
تو لَڌِي نہ سار سنڀار،
ويا گذري سال!

چوسٽا

پيار جو آجپو ٿو گهرجي،
ساٿي تنهنجو راضپو ٿو گهرجي.
ٽُٽي نہ ڪڏهن سنگم عشق جو
ساگر اهڙو ڪو رابطو ٿو گهرجي!

دردن جي ديس جا مسافر اسين
عشق تنهنجي ۾ ٿياسين، گداگر اسين
نہ سمجهہ آئي، چالبازي تنهنجي
مگر ڪين ٿياسين، سوداگر اسين!

بينظير جي نانءُ

تون تہ ملير جي مارئي هُئينءَ،
سنڌ کي تون ڏاڍي پياري هُئينءَ!
امن آشتيءَ جا، ڏيپ تو ٻاريا
مگر دشمن لئہ تون ڏاري هُئينءَ.

سونهن اکيون، جمال اکيون،
عشق ۾ ڪن ٿيون، ڪمال اکيون!
جيئن لڳيون، جنهن کي لڳيون،
ڪنهن جون هُيون، بيمثال اکيون!

فريبي اکيون، تلوار اکيون
نقابن ۾ هُيون، نروار اکيون!
رات سجي، پڇنديون ئي رهيون
مينهن ۾ ڪي اشڪبار اکيون!

وفادار اکيون، دغاباز اکيون،
ڦاٿيون عشق ۾، ڪلاباز اکيون!
ڪي نشيليون، ڪي چلوليون،
پيار ۾ ٿيون سڀ راز اکيون

گُلن جي تازگيءَ ۾ آهي مزو!
سُونهن سادگيءَ ۾ آهي مزو!
موت برحق آ اسان تي ساگر،
پرين ساٿُ زندگيءَ ۾ آهي مزو!

ستارن کان اڳتي اڃان سفر آ پنهنجو
ڪنٻن جي وچاٽن تي گُذر آ پنهنجو!
نہ ٿڪبو ڪڏهن منزل عشق ۾ “ساگر”
ها، سنڌوءَ جي ڪپن تي گهر آ پنهنجو!

هيءَ مست جواني تنهنجي لاجواب آ
هيءَ رات سُهاني جيئن ڪو خواب آ
خوشبوءَ سان پريل نازڪ بدن تنهنجو
چئي ساگر ٽڙيل ڪوئي گلاب آ

محبت آهي اها تجارت تہ ناهي
دل شڪستو نہ ٿي حقارت تہ ناهي!
کٽي نيڻ ناز مان نهار ”ساگر“ ڏي
هر پيري وانگر هي شرارت تہ ناهي!

ايئن نظرن سان قتلام نہ ڪر
اسان کي او پرين، بدنام نہ ڪر!
قوهہ جواني آ پنهنجي ”ساگر“
شوخ چپڙن سان قهرام نہ ڪر!

هو جا چمڪائي چير اڇي تي
مينهن ۾ پُسائي پير اڇي تي!
ايندي ويندي نيڻن جا "ساگر"
هو ٽڪرائي تير اڇي تي!

اُونهي ساگر ۾ چا تي ڳولهين!
ڪشادي پڌر ۾ چا تي ڳولهين
رُڳو چپڙن ۾ تي پٽڪين ويٺي
اندر ئي اندر ۾ چا تي ٻولين

تون ڪين آئين پرين
مگر هي سال وري آيو
هر رات اڄ جيئان ٻه
درد دل تي تري آيو!

جنت جو در اٿئي منهنجي سنڌ
وفا جو شهر اٿئي، منهنجي سنڌ.
پل گهمي آءُ سارو جڳ اوس مگر
امن جو گهر اٿئي منهنجي سنڌ.

اها عشق عبادت سنڌ جي ڪبي!
ساري حياتي سياست سنڌ جي ڪبي،
نه ڪبي، نه ڪبي تو ساڻ دوستي،
هر دم حفاظت سنڌ جي ڪبي!

پنهنجي من جي ڪشادي پڌر ۾
اسان جي يادن کي سهيڙي رکجو!
اسين مُند بهار جا آهيون پروانا،
مُرڪ اها ئي چپن تي پکيڙي رکجو!

عشق نچائي تو عشق کي،
عشق مارائي تو عشق کي!
فلسفو ڏکيو آ عشق جو "ساگر"
عشق جهڪائي تو عشق کي!

ايئن ڳالهه، ڳالهه تان رسندي نه ڪر،
ڪوئل اڏري ويندي آ لامَ تان!
چنڊ جي پاڇولن ۾ لڪندي نه ڪر
ستارن کي ٽيندو آ ساڻ توسان!

پرسٿا

تون رڳي نيڻن جي ڳالهه نہ ڪر ”ساگر“
مون کي سندس ڳلڙن ئي ماري وڌو آ.

تون تہ چري محبتن جي بہ منڪر نڪتينءَ؟
اسين اڄ بہ تنهنجي ديد جا قائل آهيون.

اسين تہ اڄ بہ باغي آهيون زماني ۾!
ساڳيا ڳاڙها جهنڊا، ساڳيا نعره اسان جا.

لهندڙ شام ڪانپوءِ ڪنهن درگاهہ تي پرندڙ
ڏيئي وانگي آهن، تنهنجون اکيون!

جي تون وفا ڪرين ها ”ساگر“
تہ زندگي بيوفا نہ ٿئي ها....

ايترو درد سگريٽ پيئڻ سان بہ ناهي ختم ٿيندو،
جيترو ڪنهن جي وڇڙي وڃڻ سان وڌي وڃي ٿو

ڪافر اکڙين سان، اوسکي
ڪڏهن جيارين ٿي، ڪڏهن مارين ٿي!

تون شمع پيار جي ٻاري رک سُهڻي،
آءُ هيل اونهاري ۾ ضرور ايندس

تون حسينن ۾ آن، حسين مگر،
تنهنجي سُونهن، چنڊ کان اتم آ...

چنڊ ۽ ستارن ۾ جيڪو نور آ،
تنهنجي ئي حسن جو چٽيل ٻور آ...

ايئن هٿن مان هٿ ڇڏائي هلي وئي
جيئن رات سپنا، سڀ ڪٽي هلي وئي!

سارينديي سڄڻين، گُذريا ڪيئي ڏينهن!
مُحبت سندا مينهن، وسيا جي ملير تي

يادن جو سفر گهٽجي چُڪو آهي
روح ڳلي ۾ اٽڪي چڪو آهي...!

ائين جو نهاريائين ڳپرَ تان....!!
مُهاٽا سپ موتي آيا سفر تان....!!

تو جو ڪنيو هٿ ۾ گلاب!
اڇلائين هيڪر منجهه تلاب،
ڪانگ تہ اڏريا هوندا ڪپر تان....!!

اڇي بوءِ بهار جي، سيد تنهنجي سن مان،
سنڌ تنهنجي چمن مان! ڦٽندا رهن اهڙا گل،

منهنجي ڪُل ڪائنات، تنهنجي هڪڙي مُرڪ،
جوين هي جواني! سمونڊ جي چڙهڻ سُرڪ.

ڏنم رنگ هزار پرين تنهنجي حسن جا...!
جوڳيئڙن پئي ڳايا، گيت وطن جا..

ائين جو ڪيائين ناز نظر
ڳُل سپ تڙي پيا، گونچن منجهان.

هن جي هڪ نهار ۾
اڇي پئي خوشبو بهار جي....!!

چنڊ چوڏهين جا تون چمڪي ساري رات،
تو ۾ ساڳي بات، جهڙي منهنجي پرين منجهه!

راتين پنيان ڏينهن، ڏينهن پنيان جهڙ،
پنهنجي جواني الهڙ، ستائي ياد سڪيءَ جي

تنهنجي موتي اڇڻ سان بهارون بہ موٽن ٿيون!
پر تنهنجي رسڻ سان، ستارا بہ سڏڪي پون ٿا.

منهنجي عشق جي اڊڙيل جسم ڪي!
تنهنجي پيار جون مضبوط چتيون لڳل آهن.

اوهان جي ڏيندا چُمي ڳل تي....!!
تہ تڙي پوندا گل منهنجي اڱڻ تي....!!

ماڻين نہ سگهياسون تنهنجي محبت ڪڏهن!
نظرون بہ قاتل، تنهنجي اکڙيون بہ قاتل

هڪ مينھوڳي، پيو ٽڏڙي هير،
من ۾ وجهي جهير، ياد اوهان جي!

ڏناسين مينھوڳيءَ ۾ شبنم جا ڦڙا،
متيءَ جا ڏڙا، ٿهي پيا گهٽين ۾!

اوهان جون يادون، اوهان جون ڳالھيون
سانڍي رکيوسين عيد تي!
مگر اوهين نہ آيا عيد تي!

اوهان جون خوشيون، اوهان جي عيد،
اسان جي تہ ديد، رهي آهي راهن ۾!

ڏٺو مون جڏهن کولي عشق جي ڪتاب کي
اول بہ نالو تنھنجو آخر بہ نالو تنھنجو!

او چوڪري تنھنجي چچ ۾ ڪٽڪ جا داڻا،
اسين رهياسين ويڳاڻان، سدا تنھنجي سڪ ۾!

پنھنجي دل جا مالڪ بہ اسين، غلام بہ اسين،
پنھنجي عشق جا قاتل بہ اسين، مقتول بہ اسين!

books.sindhsalamat.com

ادائون هن جون ڪنديون آهن پريشان مونکي!
نظرون جهڪائي مسڪرائڻ هن جو عذاب جو آ...

هوءَ چنچل چنچل ادائن سان پي نهاري،
مرڪي پئي، ڪي ڪبوتر اچا اڏاري!

اکين جي ڪيچل سان ماري ٿي..
جا گهڙي هوءَ نهاري ٿي...

ستين جي آستان تي، آياسين ڪهي!
اسان جي هي وهي، گذري ويئي پَنڌ ۾،

سنڌ تنھنجي عشق جا ڪلما جو پڙهياسين،
زماني ۾ اسين، پوءِ باغي بڻياسين!!

تون جي جوين پُسايو سنڌوءَ ۾ !!
چاندوڪي ساري لهي آئي سنڌوءَ ۾ !!!

www.sindhsalamat.com

تون ئي مُنهنجي آس!

چنڊ جي چانڊاڻ جيئان
گلن جي سرهاڻ جيئان
ماکيءَ جي مٺاڻ جيئان!
وکيرين ٿي تون واسُ،
تون ئي منهنجي آس.
سنڌوءَ ۾ سرهاڻ جيئان
درياهه ۾ داڻ جيئان
شام ڪنهن پراڻ جيئان!
وکيرين ٿي تون واسُ،
تون ئي منهنجي آس.
سونهن ۾ شباب جيئان
ڪُنواري جي خواب جيئان
بخاري جي ڪتاب جيئان!
وکيرين ٿي تون واسُ،
تون ئي منهنجي آس.

نيڻن ۾ آب جيئان
صحرا ۾ عقاب جيئان
تنهائي ۾ راڳ جيئان!
وکيرين ٿي تون واسُ،
تون ئي منهنجي آس.
سُفيد نرم بخمل جيئان
ميخاني جي پل پل جيئان
"ساگر" جي نظم جيئان
وکيرين ٿي تون واسُ،
تون ئي منهنجي آس.